ڊاڪٽر اسلم سنديلو

# سچل سرمست جي ڪلام بابت لغتن جو تنقيدي جائزو


***Abstract:***

**Critical Analysis of Lexicographic Work on the poetry of Sachal Sarmast**

*Sachal Sarmast is a prominent poet of classical Sindhi Language. His poetry expounds a classical and cultural heritage of Sindh. And, without any surprise, it is verily replete with the symbols of God`s abundant affection with humanity, religious harmony and tolerance.*

*Several scholars and writers, over the time, published many books covering various aspects of his poetry, but only a very few could work on the glossary of his poetry. Reason being, the nature of this field has remained prone to sensitivities of language and literature. Thus, only those scholars can be entitled to carry out such a research who must be pundits and gurus on the following languages of Indo-Iranian zone, namely: Arabic, Persian, Gujrati, Marathi and Hindi. Likewise, the scholars must be well conversant in Lexicography and Etymology.*

*Agha Sufi Ghulam Nabi was a renowned scholar who had a profound understanding of Sachal Sarmast`s work, and thus compiled verses and published it in 1933 named as Sachal Sarmast along with the glossary. In this treatise, he simplified the complex idiomatic structure, interpreted the mystical thoughts and thereby he came up with a comprehensive illustration of Quranic context. Thus, it enabled a common reader to grasp Sachal`s perspective intuitively.*

*Half a century later, Dr. Abdul Karim Sandeelo, a great scholar, academician, intellect and linguist, in 1984, compiled a lexical treatise, a dictionary on Sachal`s work – Sachal Lughat. This piece covered all of the essential and extensive characteristics of Sachal`s poetry like etymology, lexical interpretation and socio-classical aspects as well.*







*Recently, in 2017, Dr. Badar Dhamraho, a linguist, compiled a dictionary on Sachal`s poetry – ‘lughat Sachal Sarmast’ – in this book the author raised a few critical objections.*

*Nevertheless, at present, this research paper elaborates the criticism and glossary of Sachal Sarmast`s Poetry with a comparative and analytical framework of lexicography.*


**سنڌ** جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ سچل سر مست، شاهه لطيف کان پوءِ اهم شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيبي ۽ ڪلاسيڪي ورثي کان علاوه الاهي الفت جا انيڪ اهڃاڻ جا بجا ملن ٿا. سچل سائين سماجي ڪُريتن ۽ رڪاوٽن جي اصليت کي پرکڻ بعد، موج مستي، ذڪر فڪر، ذات صفات، نفي اثبات جي اوچي پد تي پهچي؛ بيخوديءَ جي عالم ۾ حق حقيقيءَ جو اسرار پَسي ورتو هو.

سچل سائينءَ جي تخيل جي پرواز ۽ فڪر جي بلندين تي پهچڻ ڪو سولو ڪم ناهي جو بنا ڪنهن ڪشالي ڪڍڻ جي، ڪلام جي عين بين اپٽار ڪري سگهجي. ايئن ضرور آهي ته: ’المعنيٰ في بطن الشاعر‘ پر پوءِ به ڪي ڏس، ڪي واٽون، سُچيت ستگرن کي ملن ٿيون، جن جي آڌار تي هو اُنهي ماڳ تائين رسن ٿا، جيڪو سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ پئي سُٽايو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ لغتدانن پنهنجي فهم فراست ۽ ادارڪ جي آڌار تي، هن قادر ڪلام شاعر جي ڪلام جي شرح ۽ ڏکين لفظن جي معنائن کي سوڌي، سنواري ۽ سلوٽو ڪري، نهايت اَحسن طريقي سان سمجهڻ لائق بڻايو، جو صدي پڄاڻان ڪو جهول نظر نه ٿو اچي. ڪلام کي سمجهڻ سان من ۾ موج اچي ٿي ۽ وجد طاري ٿي وڃي ٿو.

آغا صوفي (غلام نبي گل حسن خان)، اُهو پهريون عالم آهي، جنهن سچل جي ڪلام کي سهيڙڻ سان گڏ، شرح ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني. هن محقق پنهنجي مطالعي، مشاهدي، ڏات، فڪر، سوچ ۽ سمجهه آهر ڏکين لفظن جون اَهڙيون ته تز معنائون ڏنيون جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. سندس مرتب ڪيل رسالو ”سچل سر مست“ ۱۹۳۳ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جي اڀياس کان پوءِ ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوندو ته هن ڪتاب ۾ لفظن جو تمام گهڻو ذخيرو موجود آهي. ان سان گڏ صوفيانه اصطلاحن جي وضاحت ۽ قرآني آيتن جي تشريح به واضح ۽ نهايت پيرائتي نموني ڪيل آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معنائون الڳ سُرَ وار ڏنل آهن، پر جيڪڏهن اها ڪوشش لغت جي گهاڙيٽي ۾ ڪيل هجي ها ته شايد اِها لغت سچل جي ڪلام جي بنيادي لغت چورائڻ جو حق رکي ها.

اها حقيقت آهي ته، آغا صوفي ڪان پوءِ جن به اديبن، سچل جي ڪلام کي سهيڙيو آهي يا ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن، تن ضرور هن رسالي کي حوالي طور استعمال هيٺ آندو آهي؛ جنهن ڪان پوءِ ئي، ڪلام کي تحقيقي انداز سان ڏسڻ جو رواج پيو، درست پڙهڻين ۽ صحيح صورتخطي ڏانهن جوڳو ڌيان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

آغا صوفيءَ جي ڇاپي ڪان اڳ، مرزا علي قلي بيگ جو ترتيب ڏنل 'رسالو ميان سچل فقير جو' سال ١٩٠٢-٣ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن سبب محققن درست پڙهڻين کي آخري شڪل ڏني. ان ڏس ۾ آنجهاني ڪلياڻ آڏواڻي جو ڪتاب، 'سچل سر مست جو چونڊ ڪلام' سال١٩٦٣ع ۾ ساهتيه اڪيڊمي نئين دهلي، هندوستان ڪتاب گهر پاران، بمبئي مان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. هي ڪتاب به پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جو سُرَ وار اختصار سان گڏ، هر صفحي جي حاشيه ۾ لفظ جي معنيٰ، شعر جي پسمنظر مطابق ڏنل آهي جنهن جي اڀياس ڪان پوءِ، شاعر جي خيال کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي ٿئي. ڪلياڻ آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جو مها ڄاڻو هو، هن اهڙي ڪوشش شاهه سائين جي ڪلام لاءِ به ڪئي. سندس ترتيب ڏنل رسالو ١٩٥٨ع ڌاري بمبئي مان شايع ٿيو. ساڳي ريت ان ڪان اڳ سامي جا سلوڪ ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيا. جيڪڏهن معنائن سان گڏ هو، لفظن جي ڌاتن تي به ڌيان ڌَري ها ته هن ڪتاب کي گهڻي اهميت حاصل ٿئي ها.

سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ گهڻگهرن کي هميشه اهو خيال رهيو ته سچل جي ڪلام جي لغت ۾ لفظن جي ڌاتن ۽ بڻ بڻياد تي ڪم ٿيڻ گهرجي، جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه سائين جي ڪلام جي لغت جوڙي هئي. سال ١٩٨٢ع ۾ سچل ڪانفرنس جي موقعي تي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، جو پڙهيل مقالو 'آغا صوفي وارو سچل جو رسالو'، سوچن جي ساڀيان ثابت ٿيو ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ محترم ڊاڪٽر سنديلي کي گذارش ڪئي ته هو اِن اتڪائي ۽ نهايت ڏکئي ڪم ۾ هٿ وجهي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڍانءُ جهڙي لغت جوڙي ڏيئي. جنهن ۾ لفظن جي معنيٰ، ساخت، اصليت، اعرابن ۽ اِملا کي خاص مدنظر رکيو وڃي. جيئن ته ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي سموري زندگي لوڪ ادب ۽ لغات جي ڪيتر کي ڪيڙيندي گذري آهي، تنهن بنا دير جي





سائين ڊاڪٽر تنوير عباسي کي مانائتي موٽ ڏني.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب پنهنجي اڻٿڪ محنت ۽ سچي لگن سان ترت لغت جي ڪم ۾ هٿ وڌو ۽ مختصر عرصي ۾ 'سچل لغات' جي پريس ڪاپي تيار ڪري سچل چيئر کي ڏني. جيڪا ١٩٨٤ع ۾، ڊاڪٽر تنوير عباسي سچل چيئر خيرپور پاران شايع ڪرائي.

سچل لغات جي اڀياس ڪان پوءِ، بنا ڪنهن شڪ جي اِهو چئي سگهجي ٿو ته ان لغت ۾ لفظن جي بڻ بڻياد، ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ ۽ ڪهڙي ڪَل مان، ۽ لفظ جو سُرو ڪٿي وڃي ٿو، تنهن بابت نهايت محققانه انداز ۾ اپٽار ڪيل آهي. لفظن جي تاريخي پس منظر کي گهرج پٽاندڙ اجاگر ڪيو ويو آهي. هيءَ لغت هن فن جي پانڌيئڙن لاءِ ڪيئي صديون لاڀائتي ثابت ٿيندي ۽ لغوي تحقيق ۽ تنقيد جا نوان اسلوب سمجهائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ڪندي.

لغوي تنقيد جي ڄاڻ کي اها خاطري آهي ته، تحقيق جي عمل ۾ تنقيد جي اوسر کي روڪڻ گناهِ ڪبيره آهي. تنقيد نگار جي اهميت تخليقار ڪان گهٽ نه سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پڙهندڙن جي راءِ کي خاص اهميت حاصل رهي ٿي.

ويجهڙائي ۾، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو پاران، 'لغات سچل سر مست' ڇپجي پڌري ٿي آهي، جنهن کي مانواري محقق، اديب ۽ لسانيات سان واسطو رکندڙ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي صاحب ترتيب ڏني آهي. هن صاحب لغت ۾ سچل جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڪيترن لفظن جي سمجهاڻي به ڏني آهي جا لغت جو ادبي قد وڌائي ٿي. ان لغت جي مطالعي ڪان پوءِ صدق دل سان اِهو چئي سگهجي ٿو ته هيءَ لغت، لغتن جي سٽا ۾ خاص جڳهه والاريندي. هن لغات جا پيش لفظ، ڊاڪٽر بدر ڌامراهي صاحب پاڻ لکيا آهن. اِهي پيش لفظ، سندس سچل بابت ٿيل ڪم جو مقدمو آهن.

ڊاڪٽر ڌامراهو پيش لفظ ۾، پنهنجي لغت بابت لکي ٿو: ”هيءَ لغت، سچل سر مست جي ڪلام جي ٻوليءَ جي لغت آهي. منجهس سچل سر مست جي بيتن، ڪافين، گهڙولي، ۽ سه حرفين ۾ آيل لفظن جي معنيٰ ڏيڻ سان گڏوگڏ تشريح به ڪئي وئي آهي، تنهن ڪري هن لغت کي سچل سر مست جي شعر جي تشريحي لغت چئي سگهجي ٿو.“(١)

'لغات سچل سر مست' جي ترتيب ۾ ڌامراهو صاحب ڪيتري قدر ڪامياب

ويو آهي سو تہ وقت ٻڌائيندو! مختلف مڪتبہ فڪر رکندڙ ڪهڙي راءِ رکندا؟ پر هڪ ادب دوست جي حيثيت سان، ڊاڪٽر صاحب جا پيش لفظ پڙهندي منهنجي ذهن ۾ ڪافي ولوڙ پيدا ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لکيل پيش لفظ ۾ اڳ ڇپيل سچل سائين جي رسالن ۽ ان جي محققن بابت عجيب منفي ويچارن جو اظهار ڪيو آهي. ڪمزور ۽ منگهڙت دليلن جي آڌار تي هن مٿن خوب چوهہ چنڊيا آهن. جنهن سبب، منهنجي خيال موجب، ڊاڪٽر بدر لاءِ پڙهندڙن وٽ ڪا مثبت راءِ نہ ٿي جڙي، نہ ئي وري ڪو سٺو تاثر ٿو اُڀري! ان جي برعڪس لغات جي اَفاديت ڪي پڻ ڇيهو رسيو آهي. محترم پنهنجي پيش لفظ ۾ عالمن لاءِ جيڪا راءِ ڏني آهي، تنهن بابت مون بہ ڪجهہ ويچار ونڊڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي لغت ۽ ان کان اڳ ڇپيل لغتون تحقيقي لحاظ کان ڪهڙي پد تي پهتل آهن جڏهن تہ لغات سچل سر مست ۾ ڪيل لفظن جا ڏنل غلط بڻياد، اِملا جون غلطيون، اعرابن کان وانجهيل الفاظ ۽ انهن جون غلط معنائون ۽ غلط تشريحون ڏنيون آهن.

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي ، ’لغاتِ سچل سر مست‘ جي پيش لفظ ۾ جن ڪتابن مان لاڀ پرايو آهي، تن بابت پاڻ راءِ ڏئي ٿو: ”مرزا علي قلي بيگ واري ڇاپي جي ڪتابت ڏڪيري هئي. آغا صوفيءَ وارو نسخو اڻپورو- عثمان علي انصاري توڙي رشيد احمد لاشاري وارا نسخا بہ اڻپورا ۽ ٻيو پڙهٽي ۾ منجهن وڏا تضاد هئا.“(٢)

ڊاڪٽر ڏامراهي صاحب پنهنجي ڏنل راءِ ۾ نهايت نرالو انداز اختيار ڪيو آهي. تنقيد جي دنيا جو اِهو اصول رهيو آهي تہ اگر ٻہ ڪٽا ڪم جا بہ ڪنهن ڪتاب مان مليا تہ ان جي پورهيي کي سجايو سمجهي، دل کولي داد ڏبو آهي. پَر هت ڊاڪٽر صاحب وٽ ماڻا ماپا پنهنجا آهن، ۽ پرک جو پنهنجو انداز آهي.

آغا صوفي جي رسالي بابت سندس اظهار خيال حيرت جوڳو آهي: ”لغت جي حوالي سان ٽيون نالو نماڻي فقير آهي، جنهن جو هندوستان مان ’سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام‘ نالي سان سچل سر مست جو رسالو ڇپيو. ان جو ٻيو ايڊيشن سنڌ ۾ سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان ڇپيو. هن رسالي جي آخري ۾ لغت ڏنل آهي. انهيءَ لغت ۽ آغا صوفيءَ واري لغت ۾ يڪسانيت آهي. يعني نماڻي فقير جو بہ ماخذ آغا صوفيءَ وارو رسالو آهي يا وري آغا صوفي وارو ڪم، نماڻي فقير جو ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهيءَ جي تحرير ۾ ترِ جيترو بہ فرق ڪو نهي! ٻيو تہ آغا صوفي





جي رسالي ۾ جيڪي معنيٰ بيان ڪئي وئي آهي، تنهن جو لهجو واڪو ۽ زالاڻو آهي نہ ڪي مسلمان ڪو ۽ مڙداڻو. والله اعلم.“(٣)

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي اِن راءِ کي پڙهڻ کان پوءِ حيرت جي انتها نہ رهي. اهڙي سطحي ۽ ضعيف بنياد تي ٻڌل تنقيد جي جواب ۾ مان صرف، آغا صوفي جي رسالي جو سڌاريل ٻيو ڇاپو، جيڪو جون ٢٠١٥ع ۾ ڇپيو. جنهن جو مقدمو ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ لکيو آهي، تنهن جو حوالو هيٺ ڏجي ٿو: ”ڪجهہ وقت اڳ ’عاشقي الهام عرف سچل جو ڪلام‘ جي عنوان سان رسالو شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ شامل سمورو مواد، ٻن اڳ ڇپيل رسالن تان بنا ڪنهن حوالي جي ورتو ويو آهي. ان رسالي تي مرتب طور هڪ ٻي شخص جو نالو ڇاڙايو ويو آهي. ان رسالي جو مواد ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ سائينءَ جون ڪافيون ۽ بيت، ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح ۽ شرح ۽ معنيٰ، جڏهن تہ پهرين حصي جو مواد سن ١٩٥٢ع ۾ هندستان جي شهر بڙودا، درازي در جي عاشق صادق مريدياڻي نماڻي فقير (رُڪي ٻائي) جي ترتيب ڏنل ۽ شايع ڪرايل رسالي ”عاشقي الهام عرف سچل جو ڪلام“ مان بنا حوالي سان ورتو ويو آهي، ۽ ٻئي حصي جو مواد آغا صوفي جي ڪتاب سچل سر مست تان ورتل آهي، جيڪا ادبي چوري آهي. هنن صفحن ۾ ان ڳالهہ جي نشاندهي اُن لاءِ ڪجي ٿي جو اهو نہ فقط ادبي ڏوهہ آهي بلڪ آغا صوفي ۽ نماڻي فقير جي محنتن تي بہ ظاهر ظهور راتاهو هنيو ويو آهي. جيڪو عمل سراسر مذمت جوڳو آهي.“(٤)

ڊاڪٽر مخمور بخاري جي ڪيل نشاندهي، جا حقيقت تي مبني آهي سا ڊاڪٽر ڏامراهي جي ڪيل غلط تنقيد جو نہ رڳو جواب آهي پر هن لاءِ هڪ سبق بہ آهي تہ بنا ڪنهن تصديق جي ڪنهن جي پورهئي کي ايئن نندڻ نہ جڳائي!

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي مرتب ڪيل ’سچل لغات‘، اٽڪل ٽيٽيهہ سال اڳ ڇپي آهي، پر اڄ بہ ان جي اهميت ۽ آفاديت ۾ ڪا ڪمي نہ آئي آهي. اچرج صرف اِهو آهي تہ هن معيار جي لغت، جنهن ۾ هر لفظ جو ڌاتو، ۽ ان تي اعراب، ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ، ۽ ان جي اصل صورت کي کولي بيان ڪيو ويو آهي، پنهنجي روايت برقرار رکندي لکي ٿو: ”ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي لغت جو ماخذ، آغا صوفيءَ وارو رسالو ئي رهيو آهي. ٻنهي ۾ فرق اهو آهي تہ، آغا صوفي سر وار لغت ۽ تشريح ڏني آهي. سنديلي صاحب انهيءَ کي لغت وارو روپ يعنيٰ الف- ب وار بڻايو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. لفظن جي ذخيري جي حوالي سان تہ جيترو فرق ڪونهي، ٻيو تہ سنڌيلي صاحب مرحوم جيڪي واڌو لفظ هت لغات ۾ ڏنا آهن يا شامل ڪيا آهن، تن مان سچل سر مست جي رسالي ۾ استعمال ٿي ڪونہ ٿو ملي. ٽيون، لغات ۾ ڪٿي بہ سچل سر مست جي حوالي طور يا مثال طور ڪو بيت، ڪا سٽ ڪانہ ڏني اٿس، البت ڪٿي ڪٿي وري شاھ لطيف ۽ ڪن ٻين ڪيترن ئي شاعرن جا مثال ڏنا اٿس. اُها نہ رڳو ڏکاري پر ڏاڍي پوائتي ڳالھ آهي."(۵)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو، پنهنجي سڄي زندگي، لوڪ ادب ۽ لغات جي چمن جي آبياري ۾ گذاري. لغت جي شعبي ۾ ڪيل سنڌس خدمتن کي هند-سنڌ جا اديب ۽ عالم وڏي قدر جي نگاھ سان ڏسن ٿا. ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي تہ ڊاڪٽر سنڌيلو لغت جي شعبي ۾ سند جي حيثيت رکي ٿو.

ڊاڪٽر ڏامراهي، ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب جي لغات بابت جيڪو پوتا ميل پيش ڪيو آهي، تنهن کي پڙهندي عجب ٿيو، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ويچار ونديا اٿس سي حقيقت کان ڪوهين ڏور آهن. ڏامراهو صاحب ماخذ مان ڪهڙي مراد وٺي ٿو! تنهن جي خبر سائين کي پاڻ هوندي. پر اها حقيقت عيان آهي تہ ڊاڪٽر سنڌيلي جي لغت ۽ آغا صوفي واري سُر وار لغت ۾ وڏو فرق آهي. ان جي برعڪس آغا صوفيءَ واري لغت ۽ ڊاڪٽر ڏامراهي جي لغت ۾ ڪافي هڪجهڙائي آهي. ٻنهي محققن صرف معنيٰ ڏني آهي. لفظ جي ڌاتو ۽ اصليت کي نظرانداز ڪيو آهي. ٻنهي لغتن ۾ اعرابن جو احتياج آهي. ڪجھ معنائون تہ اوٺ تي ڏنل ۽ شڪي آهن. ٻنهي لغتن ۾ صوفي اصطلاحن ۽ قرآني آيات جو تفصيل ساڳئي انداز ۾ بيان ڪيل آهي. جڏهن تہ،ڊاڪٽر سنڌيلي جي سچل لغات ۾ لفظ جو ڌاتو، اصليت، گهرج آهر لفظ جو تاريخي پسمنظر ۽ لفظ تي ڏنل اعراب؛ جنهن ڪري صحيح تلفظ اچارڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش نہ ٿي اچي. لفظن جي ذخيري بابت اهو چوندس تہ ڊاڪٽر سنڌيلي جي لغات ۾ آغا صوفيءَ جي مقابلي ۾ لفظن جو ذخيرو ڪجھ گهٽ آهي. ڊاڪٽر سنڌيلي صرف ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن نہ ڪي سڌا سنوان ۽ سولا لفظ ڏيئي اجائي اينگھ ڪئي آهي، جا ڊاڪٽر ڏامراهي جي لغت ۾ هر صفحي تي نظر پئي اچي. هڪ لفظ جي شاهدي طور سچل سائينءَ جي شعر جون مختلف ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ۽ چار چار سٽون ڏيئي، ڪتاب کي ضخيم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. گهڻا اهڙا لفظ جن جي معنيٰ ڏيڻ سياويڪ هئي سا





بہ نہ ڏيئي، پڙهندڙن کي ڪافي مايوس ڪيو ويو آهي.

لغت جي فن بابت وڌيڪ گهرائيءَ ۾ وڃبو تہ معلوم ٿيندو تہ سائنسي بنيادن تي لغت جي فن تي محققانہ انداز ۾ گهڻو ڪم ٿي چڪو آهي، ۽ اجان بہ تحقيق جو ڪم هلندڙ آهي. اها حقيقت پڻ واضح ٿيل آهي تہ شخصي ڪلاسيڪل ڪلام جون لغتون ان پابنديءَ جون حامل ناهن تہ هر لفظ جي معنيٰ کان پوءِ ساڳئي شاعر جو شعر، شاهد طور ڏين. اهو انهيءَ ڪري تہ جيئن ڪتاب وڌيڪ ڊيگھ جو شڪار نہ ٿئي، ٻيو تہ وري وري شعر جي مصرع ڏيڻ پڻ اجايو ورجاءُ لڳندو.

لغت جي تاجي پيٽي ۾ اِها خوبي سمجهي ويندي آهي تہ ساڳئي لفظ جو استعمال جيڪڏهن ڪنهن ٻئي شاعر يا سگهڙ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي تہ سند طور ٻئي شاعر جو ڪلام ڏئي سگهجي ٿو. هن ڳالھ جو اظهار ڪرڻ پڻ ضروري سمجهان ٿو تہ: "لغت نويسي کي، لغت سازي Lexicography ۽ علم اللغات Lexicology جي شاخن ۾ الڳ ڪري، هر هڪ کي جدا جدا سڃاڻپ ڏني وئي آهي. علم اللغات Lexicology، لفظن جي اصليت ۽ ٻڌياد (Roots and origin)، معنوي تبديلين جو اڀياس، لفظن جي جوڙجڪ سان گڏ، اشتقاقي علم (Etymology) سان واڳيل آهي. جڏهن تہ لغت سازي (Lexicography)، لغت سهيڙڻ، ترتيب هيٺ لکڻ، لفظن جي معنيٰ سان گڏ اِملا ۽ اعرابن تي خاص ڌيان ڏيڻ کي چئجي ٿو."(٦)

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي، آغا صوفي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي جي لغتن تي جيڪي ويچار ونديا آهن يا ڊاڪٽر سنڌيلي، آغا صوفيءَ جي لغت تي جيڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي، تنهن جي اڀياس کان پوءِ اِهو چئي سگهجي ٿو تہ انهن ۾ ڪيتريون ڳالهيون جواب طلب آهن ۽ انهن جي کوجنا ڪرڻ ضروري آهي.

وضاحت لاءِ ڪجھ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

**(۱) لات ۽ مَنات:**

آغا صوفي. لات ۽ منات ٻہ وڏا بت جيڪي محمود غزنويءَ سومنات ۾ ڀڳا.(۷)

ڊاڪٽر ڏامراهو. جڏهن تہ لات ۽ منات اُهي بت آهن، جيڪي ڪعبة الله ۾ رکيل هئا.(۸)

ڊاڪٽر سنڌيلو. لات (ع. لاتِ) هڪ بت جو ڪعبي ۾ هو. حضرت شعيب جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قوم ان جي پرستش ڪندي هئي.[٩] منات: (ع- منات) ، مڪي معظم جي ٽن بتن مان هڪ بُت، بيا ٻه بُت: ١. لات، ٢. عزيٰ

ڊاڪٽر ڏامراهي جي تنقيد حق بجانب، پر انهن غلطين جي نشاندهي، گهڻو اڳ، ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي جي مهڙ ۾ مانواري محقق ۽ سچل شناس محترم خادم حسين عباسي پنهنجي مقالي ۾ ڪئي ۽ اِهو مقالو مخزن سر مست ۾ ڇپيو. لات ۽ منات بابت پنهنجي راءِ جو هيئن اظهار ڪن ٿا: ”لات ۽ منات عرب ڪافرن جا بُت هئا، جيڪي ڪعبي ۾ رکيل هئا، ۽ پيغمبر اسلام فتح وقت ڀڃرايا.“[١٠]

## (٢) مخدوم بلاول:

آغا صوفي. مخدوم بلاول به خدائي دم هنيو، جنهن تي مُلن ڪيس گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو[١١]

ڊاڪٽر ڏامراهو. جڏهن ته مخدوم بلاول خدائيءَ جو دم هنيو هو، پر وطن پرستيءَ جي ڪري گهاڻي ۾ پيڙايو ويو.[١٢]

ڊاڪٽر ڏامراهي پنهنجي قابليت ۽ لياقت جو دم ڀريندي، تصحيح ته ڪئي آهي، پر ان جو اظهار محترم خادم حسين عباسي پنهنجي مقالي ۾ ڪيو هو، جو ٽيهه سال اڳ ڇپجي چڪو آهي. ملاحظ فرمايو: ”مخدوم بلاول صاحب جن خدائي دم ڪونه هنيو هو، پاڻ وڏا عالم ۽ خدا پرست دينار هئا. مگر وطن پرستيءَ ۽ عوام دوستيءَ جي الزام ۾ گهاڻي ۾ پيڙايا ويا.“[١٣]

ڊاڪٽر ڏامراهي ڪي اِهو نه ٿو سونهين ته هو انهن غلطين جي نشاندهيءَ جو ڪريڊٽ پاڻ ڏانهن ڪري. ڪم از ڪم ڪيس محقق جو حوالو ته ڏيڻ کپندو هو. اِها سڌي سنئين ادبي چوري آهي، جنهن بابت ڪائنس پڇاڻو ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر سنديلو جي لغات ۾ آيل ڪن لفظن بابت به ڊاڪٽر ڏامراهي صاحب اختلاف ڏيکاريندي، پنهنجي الڳ راءِ ڏني آهي.

## (٣) سنگُ:

ڊاڪٽر سنديلو. سنگ: (ف. سنگ)، پٿر [١٤]

ڊاڪٽر ڏامراهو. 'سنگ' ساٿ، سنگت، يارائي: [١٥]





ڊاڪٽر ڏامراهو پنهنجي پيش لفظ ۾ اعتراض اُٿاري ٿو ته:

”سنگُ لفظ جي معنيٰ پٿر ڏنل آهي، هڪ بيت ۾ سنگ لفظ هن طرح آيل آهي:

'مون نهارڻ نه ٿيءَ، سانول سارو سنگ'

هتي لفظ جي معنيٰ، ساٿ، سنگت، يارائي ٿيندي.“[١٦]

اسين پوري سچائيءَ سان انهيءَ معنيٰ سان سهمت آهيون ته سنگ لفظ، دوستي ياراڻي جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، ڊاڪٽر سنديلي صاحب واري معنيٰ جا 'پٿر' جي مفهوم ۾ آيل آهي، سا سچل سائين جي هن شعر ۾ ڏنل آهي:

جيڏيون جبل چؤ ٽيون هيئي

ساجهر سنگ لتاڙيان ڪيئي.

حقيقت هن ريت آهي ته ٻئي لفظ لغت ۾ معنيٰ سان ٺيڪ بيٺل آهن پر ٻوليءَ جو فرق آهي. سچل سائين جي ڪلام جي اها خوبي آهي جنهن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جا اعليٰ مثال ڇپي ڇپي تي ملن ٿا.

سَنگُ (ف. سَنگ) پٿر.

سَنگُ. (سن. سنگ. سَمَ= ساڻ + گَمَ= وڃڻ. سَجج= ملڻ)

ميل، دوستي، سنگت. [١٧]

ڊاڪٽر ڏامراهي لغت جو ڄاڻو هوندي به، لفظ جي ذاتن طرف ناهي سوچيو ته ذاتوءَ ۾ ئي ان لفظ جي معنيٰ لڪل هوندي آهي يا خبر هوندي به ڪشاده دل نه ٿو رکي!!

## (٤) ڪبير:

ڊاڪٽر سنديلو. ڪبير. (ع. ڪبير)، بزرگ، وڏو، ڪبيرو، وڏو گناهه [١٨]

ڊاڪٽر ڏامراهو. ڪبير. (صفت) وڏو (اسم خاص) راڻي مينڌري جي سهري جو نالو. [١٩]

آغا صوفي: ڪبير. راڻي جي سهري جو نالو (وڏو) [٢٠]

ڊاڪٽر ڏامراهو، لکي ٿو: ”ڪبير لفظ جي معنيٰ، صفحي ١٣٨ تي هن طرح بيان ٿيل آهي، ڪبير: (ع. ڪبير)، بزرگ، وڏو، ڪبيرو، وڏو گناهه. مومل راڻي ۾ اهڙي بيت جي سٽ هن طرح آهي. 'ڪيڏو ڪيو قهر جو، اهو ڪم ڪبير'. هن شعر مان مراد راڻي مينڌري جو سُهرو آهي.“[٢١]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر ڏامراهي جي ڳالهه ۾ ڪجهه وزن آهي جو آغا صوفي به ساڳئي خيال جو حامي آهي ۽ تشريح به ڪئي اٿائين. پر لغوي معنيٰ جي ذمري ۾ اهي ڳالهيون نه اينديون. لغت دان لفظ جي ڌاتو ۽ لفظ جي اصليت کي مدنظر رکندي، معنيٰ ٻڌائيندو آهي پل ڪٽي اصطلاحي معنيٰ، لغوي معنيٰ کان مختلف هجي. ڪبير پل ڪٽي راڻي مينڌري جو سهرو هجي؛ ڪبير هندي زبان جو ڀڳت يا ڪٽي ڪبير ديوتا: جنهن جا نَوَ خزانا مشهور آهن.

ڪبير لفظ جي معنيٰ: وڏو، بزرگ ۽ عربي زبان جو لفظ آهي.[٢٢]

## (۵)ڪيچ:

ڊاڪٽر سنڌيلو. ڪيچ: (سن. ڪشيم = سک+ايچ- پچاڙي)، خوشيون — [٢٣]

ڊاڪٽر ڏامراهو. ڪيچَ: ڪيد، چمڪا. [٢٤]

آغا صوفي. ڪيچ: روشنايون، خوشيون[٢۵]

ڊاڪٽر بدر ڏامراهو، لفظ 'ڪيچ' جي اصليت بابت منفرد راءِ جو حامل آهي- لکي ٿو: ”ڪيچ لفظ، بيت ۾ هن طرح آيل آهي. 'ڪيا ڪنوٽن ڪيچ، اڄ ڏاڏاٽي ڏيهه ۾' هتي استعمال ٿيل 'ڪيچ' لفظ، 'ڪجڻ' مصدر مان نڪتل آهي. ان جي معنيٰ آهي: چمڪاٽ. هونئن به ڪنوٽيون چمڪاٽ ڪنديون آهن، نه ڪي خوشيون ڪنديون آهن.“[٢٦]

ڪيچ لفظ جي معنيٰ سان آغا صوفي واري معنيٰ ٺهڪي اچي ٿي. پر ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب لفظ جي اصليت ۽ لغوي معنيٰ ڏئي، مفهوم کي وڌيڪ واضح ڪيو آهي. اچو ته لفظ ڪيچ ۽ ڪجڻ جي کول ڪريون ته جيئن اصل حقيقت کي سمجهي سگهون.

سنڌي ٻوليءَ جي سپورنج ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جي ترتيب ڏنل، جامع سنڌي لغات ٻڌائي ٿي ته:

ڪج: (امر)= تڪليف، ڪشالو، پريشاني، اهنج، ڏک. [٢٧]

ڪجڻ: (مصدر): ڪک، ٿيڻ، رنج ٿيڻ، ڪاوڙ لڳڻ. [٢٨]

ڪجڻ: (سن. ڪيدن. ڪِدِ [ڌاتو] ڏک ڏيڻ)، وجهلڻ، بي حال ٿيڻ، چڙڻ، خفا ٿيڻ.[٢٩]

ڊاڪٽر ڏامراهي، لفظ ڪيچ جي معنيٰ ڪيد به ڏني آهي، چاڪاڻ جو هو ڪيچ ۽ ڪيد جو مول ساڳيو ٿو سمجهي پر ائين ناهي. در اصل لفظ ڪجڻ/ڪيدن/ڪيد/ڪج ساڳي مول منجهان آهن جن جي معنيٰ پريشاني، ڪشالو، تڪليف، ڏک ۽ اهنج آهي. ڪيچ





جي معنيٰ ۾ 'ڪيد' لکڻ مطلق غلط آهي. جنهن محقق کي لفظن جي ڌاتن ۽ اشتقاقن جي اهميت جي خبر هوندي، اُهو اديب اِهو گس نه وٺندو.

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جو، اهو به اعتراض آهي ته ڪنوٽيون چمڪاٽ ڪنديون آهن نه ڪي خوشيون.

حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته خوشي يا سرهائي علامت آهي، ڪنهن وڻندڙ يا دل لڀائيندڙ ڳالهه جي!! ڪلڻ ۽ خوش ٿيڻ سان چهري تي لالاڻ اچي ويندي آهي، جڏهن ته لالاڻ خوشيءَ جو اظهار آهي. انهيءَ مصداق، ڪنوڻ جو ڪيڪارڻ، گڙگاٽ ڪرڻ، چمڪاٽ ڪرڻ آگم جي برسڻ ۽ وسڻ جو سنديسو آهي. جنهن کي اسين ڪيچ، ڪيڪار يا خوشي چئون ٿا. جيئن سچل سائين فرمايو آهي:

”روجهن سان رهاڻ لئه، ڪنوٽين ڪئي ڪيڪار،
ٺهي هليون ٿيلن تي سٽي گوڙ گجڪار،“

هت 'ڪيڪار' پڻ خوشيءَ جي اظهار لاءِ استعمال ڪيل آهي.

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي خيال موجب، 'ڪيچ' لفظ جي معنيٰ 'چمڪاٽ' ٿيندي. تنهن لاءِ عرض آهي ته ڪنهن مستند ڊڪشنريءَ جو حوالو ڏئي ته ڪيد ۽ ڪيچ جي معنيٰ ۽ مفهوم ساڳيو آهي، ته آءٌ سندس ٿورائتو رهندس.

اها هڪ واضح حقيقت آهي ته، ڪنوٽيون چمڪاٽ ڪنديون آهن ۽ چمڪاٽ جو مفهوم به ڪنوٽين مان ملي ٿو. ڏسو:

ڪنوڻ: (سن. ڪشڻ پريا. ڪشڻ= دم ]ڪن، گهڙي، ساعت[ +پريا ]پَر= گهڻو+ يا= چمڪڻ[ = چمڪڻ)، گهڻو چمڪڻ، وڄ، بجلي.[٣٠]

ڪشڻ پَريا جو مطلب آهي، جنهن جي گهٽي روشني ڪن ساعت لاءِ هجي، اها پڻ حقيقت آهي ته وڄ جي تيز روشني، ٿوري وقت لاءِ هوندي آهي.

## (٦) ڳاني:

ڊاڪٽر سنڌيلو. ڳاني: (سن. گَٽُڊَ)، هار، ڳهڻو، زيور.[٣١]

ڊاڪٽر ڏامراهو. ڳاني: ڪڙي، ڳٽ، طوق، چمَ جي پٽي، جنهن جي ڏاڳي سان ڪاون ۽ موتين جي جڙاوت هوندي آهي.[٣٢]

ڊاڪٽر ڏامراهي جو اعتراض: ”هي لفظ جنهن بيت ۾ آيل آهي، سو بيت هن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طرح آهي. 'روز ڪٺون ابد تائين، آهِ ڳچيءَ منجهہ ڳاني.' هتي ڳاني جي معنيٰ هار يا ڳهڻو نہ پر ڳٽُ يا طوق ٿيندي."[٣٣]

ڊاڪٽر ڏامراهو، اصطلاحي معنيٰ جي حوالي سان ڳالهہ ڪري ٿو، سا اهميت جي حامل آهي. ڳاني لفظ جي معنيٰ ڪنٺو (ڳچيءَ جي ڳچيءَ جي چوڌاري ليڪو) بہ آهي،چاڪاڻ تہ ڳاني، ڪنٺ (ڳچي) تائين محدود رهي ٿي. ان مان ظاهر ٿيو تہ لفظ ڳاني جي وسعت صرف ڳچيءَ تائين آهي، اهڙي طرح لفظ 'طوق' بہ ڳچيءَ سان منسوب رهي ٿو.

ڏسو: طوق: ذ (ع) ڳچيءَ جو زيور.

ان لغوي معنيٰ ۾ اصطلاحي معنيٰ پڻ لڪل آهي.[٣٤]

## (٧) ڀوُ ساڳر:

ڊاڪٽر سنڌيلو. ڀوُ ساڳر: سن. ڀَيَہ= ڀَوُ، خوف+ساڳر= سمنڊ) خوفناڪ سمنڊ، سنار روپي ساڳر يعني هي جهان.[٣٥]

ڊاڪٽر ڏامراهو. ڀَوُ ساڳر:خوفناڪ سمنڊ، مجاز آهي هلندڙ جهان- هن ڪي اعتراض آهي تہ: "ڀَوُ سنسڪرت لفظ ڀَيَہ جي بگڙيل صورت نہ آهي. اهو سنسڪرت ۾ ڀَوَ لفظ آهي، ۽ ان جي معنيٰ سنسار يعنيٰ هي جهان آهي. ان جي لفظي معنيٰ 'هي جهان جيڪو سمنڊ جيئان آهي."[٣٦]

اسان جي خيال ۾ اِهو سنسڪرت ڀَوَ جو مول ناهي. پر اهو سنسڪرت لفظ ڀَيَہ (Bhaya) ئي آهي، جنهن جي معنيٰ خوف آهي. ڀَيَہ جو ڌاتو 'ڀي' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڊڄڻ'. هونئن بہ هي زندگي هڪ خوفناڪ ساڳر مثل آهي، جنهن ۾ هر وقت ٻُڏڻ جو خطرو ٿئي ٿو، لالچ، لوڀ ۽ مايا جا حملا مسلسل ٿيندا رهن ٿا، اهڙين خواهشن کان پاڻ کي بچائڻو آهي.

سُپت سامي بہ ايئن فرمائي ٿو:

"ياري ڀَوُ ساڳر، لهرون ماري لوڀ جون."[٣٧]

## (٨) اَجهاڳ:

ڊاڪٽر سنڌيلو. اجهاڳ: (سن. اڳاڌ. آ= نہ + ڳاڌ= ترو، جاءِ) بي حساب، بي





شمار، اڪٿ، اٿاهہ[٣٨]

آغا صوفي. اجهاڳ: اڻ ميا، اڻ ڪٿ.[٣٩]

ڊاڪٽر ڏامراهو. اجهاڳ: نہ جهاڳڻ جهڙو، اونهو، عميق، بي انت، بي حد[٤٠]

آغا صوفي ۽ ڊاڪٽر ڏامراهو ڊاڪٽر سنڌيلي جي ڏنل، اَجهاڳ لفظ جي معنيٰ سان اتفاق ڪن ٿا. پر ڏامراهي صاحب کي اَجهاڳ لفظ جي بڻياد تي اعتراض آهي. چوي ٿو: "جهاڳ لفظ، جهاڳڻ فعل مان نهيل آهي، ۽ 'ا' لفظي مهاڙ ساڻس ملايل آهي. لفظ جي معنيٰ هن طرح ڏني اٿس. اجهاڳ: (سن. اڳاڌ، آ= نہ + ڳاڌ= ترو، جاءِ) بي حساب، بيشمار، اڪٿ، اٿاهہ."[٤١]

ڊاڪٽر ڏامراهي لاءِ عرض آهي تہ لفظ جهاڳ، جهاڳڻ فعل نہ پر جهاڳڻ مصدر مان نهيل آهي هاڻي ڏسڻو اِهو آهي تہ لفظ اَجهاڳ ۽ جهاڳڻ جو پاڻ ۾ ڪهڙو سبنڌ آهي. 'جهاڳڻ' مصدر آهي.

جهاڳڻ- مصدر

جهاڳ- امر

جهاڳيان- مضارع

جهاڳيل- اسم مفعول

جهاڳ: (سن. ڪشپ= لوڏڻ)، پاڻيءَ جو پند، پاڻي جهاڳڻ جي حالت[٤٢]

جهاڳڻ: (م) تانگهي پاڻي مان هلڻ، پار پوڻ (پاڻيءَ مان)، وڏو سفر ڪرڻ[٤٣]

اَجهاڳ= اڳاڌ

اڳاڌ= (سن. اڳاڌ)، اٿاهہ، عميق.[٤٤]

اڳاڌ= (صفت)، بي انتها، گهرو، عميق[٤٥]

اڳاڌ= Very deep, Bottom less[٤٦]

مٿين اپٽار مان اهو اَخذ ڪري سگهجي ٿو تہ اجهاڳ لفظ اصل سنسڪرت 'اڳاڌ' مان آيل آهي، جڏهن تہ 'جهاڳ' لفظ سنسڪرت 'ڪشپ' جي صورت آهي. اجهاڳ جي لغوي معنيٰ، اڪٿ، اٿاهہ، جا ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب ڏني آهي سا سؤ سيڪڙو ڌاتوءَ سان مناسبت رکي ٿي.

سچل سائين، لفظ 'اجهاڳ' کي، اصطلاحي زبان ۾ استعمال ڪيو آهي. جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”هيرا ۽ ياقوت پيا، اڄ انهن وٽ اجهاڳ“
هت اجهاڳ جي معنيٰ ٿيندي. اڻ کٽ، اڻميا ۽ بي شمار.

**(٩) ويڄ:**

ڊاڪٽر سنڌيلو. ويڄُ: (پرا. ويج. سن. وَيدڪ، وِد= ڄاڻڻ)[(٤٧)]

ڊاڪٽر ڏامراهو. ويڄ، حڪيم، طبيب، ويد، ڏاهو [(٤٨)]

ڊاڪٽر ڏامراهي: ويڄ لفظ جي بنياد سان سهمت ناهي ۽ چوي ٿو: ”ويد لفظ جي معنيٰ طبيب، حڪيم ۽ سنسڪرت جي وئديہ مان بگڙيل ڏيکاريو اٿس. جڏهن تہ اهو ويدڪ مان نڪتو آهي.“[(٤٩)]

ويڄ لفظ بابت، ڊاڪٽر ڏامراهي، جيڪو خاڪو پيش ڪيو آهي، سو بنهہ غلط آهي، ڊاڪٽر سنڌيلي ويڄ لفظ جو سنسڪرت لفظ ويدڪ ئي ڏنو آهي. جنهن جو ڌاتو-وِد= ڄاڻڻ، آهي. اها حقيقت آهي تہ، ڌاتو وِد مان ڪيترائي لفظ نڪتل آهن.

جهڙوڪ، ويدانت وِديا وغير

ويدانت: (سن ويدانت. ويدَ. وِد = ڄاڻڻ+انت = پڇاڙي)، هندن جي ڌرمي فلسفي جو طريقو، جنهن ۾ آتما ۽ جڳت جو ذڪر اچي ٿو.

ڊاڪٽر ڏامراهي صاحب ڪي اهي ڳالهيون غلط درج ڪيون آهن.

**(١٠) هِرنا ڪِش:**

ڊاڪٽر سنڌيلو. هِرِنا ڪش: (س. هرنيہ ڪشپ. هرڻيہ= سون+ ڪشپ= ڪپڙو) مهاراجہ هرنا ڪشپ، جو پهريائين چڱو هو، پر پوءِ راجائي نشي جي انڌ ۾، رعيت تي طرحين طرحين ظلم ڪرڻ لڳو. حڪم ڪيائين تہ سنڌس بندگي ڪئي وڃي. انهيءَ تي سنڌس پرهلاد ساڻس لڙيو ۽ ناس ڪيائين. [(٥٠)]

ڊاڪٽر ڏامراهو. هرناڪش: هرڻياڪش. ڪيشب رشيءَ جي سنتان. [(٥١)]

ڊاڪٽر ڏامراهي ڪي اعتراض آهي تہ: ”حقيقت ۾ هرناڪش نہ پر اهو هرڻياڪش جي بگڙيل صورت آهي. هرڻياڪش ۽ هرڻيہ ڪشپ ٻہ جاڙا ڀائر هئا.“[(٥٢)]

ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب هِرنا ڪش جي لغوي معنيٰ ڏني آهي، ۽ گهرج پٽاندڙ ان قصي جو ڪجهہ پس منظر. هِرناڪش، هرنا ڪشپ ٻئي جاڙا ڀائر ۽ ڪشپ رشيءَ





جي اولاد مان هئا، ان جو لغوي معنيٰ سان ڪوبہ تعلق نہ ٿو لڳي، سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ هِرناڪش ڪي هيئن ياد ڪري ٿو:

”پاڻي پريم پر هلاد سان، تون هرناڪش ڪي هير“

ڊاڪٽر ڏامراهي، پنهنجي ’لغاتِ سچل سر مست‘ جي پيش لفظ ۾ آغا صوفي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي جي مرتب ڪل لغتن تي جيڪي ويچار ونڊيا آهن،تن جي جواب ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻ ضروري سمجهيم.

ڊاڪٽر سنڌيلو صاحب- منهنجو محبوب والد پاڻ اگر هن دنيا ۾ هجن ها تہ شايد ڏامراهي صاحب ڪي اهڙي اجائي تنقيد ڪرڻ جي همت نہ ٿئي ها. ڏامراهي صاحب ڪي ڏنل جواب جو سمورو متن، ڊاڪٽر سنڌيلي جي لغتن ۽ مقالن مان ورتو اٿم، منهنجو صرف دلي جذبو پنهان آهي.

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي ڏنل سمورن اعتراضن جو، پنهنجي پاران منطقي اظهار ڪيو اٿم. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي صاحب جي ڇپيل تنقيدي مقالي ’آغا صوفيءَ جو سچل وارو رسالو‘ ۾ آيل بحث هيٺ ڪجهہ لفظن جي معنائن جو جائزو پيش آهي. انهن بابت ڊاڪٽر ڏامراهي صاحب کهڙيون معنائون ڏنيون آهن؛ ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر ڏامراهي جي لغت، ڪوجنا جي لحاظ کان، آغا صوفي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي جي لغتن جي ڀيٽ ۾ بنهہ تازي ڇپيل آهي. چند لفظن جي ڀيٽ ڪجي ٿي.

**(١١) ڇَمان:**

آغا صوفي . ڇمان: ناز نخرا، [(٥٣)]

ڊاڪٽر ڏامراهو . ڇمان: ناز نخرا [(٥٤)]

ڊاڪٽر سنڌيلو . ڇمان: (بلو. ڇمان)، اکيون.

’ڇم‘ واحد، جمع ’ڇمان‘، فارسي چَشم جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اک. بلوچي ٻولي ۾ ’اک‘ کي ’ڇم‘ چوندا آهن. [(٥٥)]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ ان موقف جي تائيد ڪندي لکي ٿو:

ڇَم: ذ (ف. چَشم) اک. [(٥٦)]

ڊاڪٽر ڏامراهي بہ آغا صوفي واري معنيٰ ’ناز نخرا‘ ڏئي، فرض پورو ڪيو آهي. جڏهن تہ اها معنيٰ ڊاڪٽر سنڌيلو رد ڪري چڪو آهي. ڊاڪٽر ڏامراهي ڪي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪوجنا ڪرڻ کپندي هئي نه کي انڌي تقليد!

### (۱۲) سر واهيا

آغا صوفي . سرواهيا: سروقد، سهڻا. [٥٧]

ڊاڪٽر ڏامراهو . ترار وار، هٿ ۾ تلوار وارا. [٥٨]

ڊاڪٽر سنڌيلو . سرواهيا. (سرا. سرواهي= ترار + واهيو)، ترار وهائيندڙ، ترار هلائيندڙ، پهلوان، بهادر [٥٩]

"ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاعرن ۽ سگهڙن، بيتن ۾ محبوب جي قد کي سرو (وڻ) سان تشبيهه ڏني آهي. سچل سائينءَ جو هي بيت:

"سرواهيا سرويچ، سگ سچل جو تن سان."

نه ته سينگار جو آهي، ۽ نه ڏهس جو!! سرواهي دراصل 'سروهي' آهي، جو راجپوتانا ۾ هڪ شهر آهي، جتان جون ترارون ڪنهن سمي مشهور هيون، انهيءَ سروهي شهر جي ڪري، 'سروهي' معنيٰ ترار ٿيو. جنهن کي اسان جي شاعرن ۽ سگهڙن سرواهي ڪري ڪم آندو آهي. سچل سائين 'سرواهيا' ڪم آندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ترار وهائيندڙ، ترار هٽندڙ يعنيٰ بهادر."[٦٠]

ڊاڪٽر ڏامراهي جي درج ڪيل معنيٰ 'هٿ ۾ تلوار وارا'، مبهم ۽ الجهائيندڙ آهي. لغتدان هميشه سنئين واٽ وٺندو آهي، پر ڪم ان جي برعڪس ٿيل آهي.

### (۱۳) مرد مٿير:

آغا صوفي مرد مٿير: مٿي وارو، مغز وارو، هوشيار. [٦١]

ڊاڪٽر ڏامراهو مرد مٿير: (اصطلاح) دلير، بهادر، سورهيه، وڏي مٿي وارو.[٦٢]

ڊاڪٽر ڏامراهي ٻين معنائن سان گڏ 'وڏي مٿي وارو'، به معنيٰ ڏني آهي، خبر ناهي ڪهڙو خيال سامهون رکي درج ڪئي وئي آهي. جڏهن ته مٿير جي تتبع تي، سنڌيءَ ۾ ٻيا الفاظ، گنير، ڇڳير وغيره ملن ٿا.

گنير: گن. (گڻ= خوبي + ايرو= وارو) ، گڻن وارو، ڀهڳڻ.

ڇڳير: ڇڳو= گڇو+ اير= وارو) ڪلنگي وارو، بهادر.





انهيءَ اصول پٽاندڙ مٿير جو اشتقاق هن طرح ٿيندو.

مٿير: مٿي (هيٺ جو ضد) + اير= وارو)، جيڪو ٻين کان مٿي هجي سو ٿيو، اڳواڻ، بهادر، پهلوان [٦٣]

اهڙي قسم جو ويچار ڊاڪٽر ڏامراهي لفظ 'ستگر' جي معنيٰ ۾ به ونديو آهي، جنهن کي غلطي چئي سگهجي ٿو ۽ لغتدان کي اهڙيون معنائون ڏيڻ وقت ڪمال احتياط جي ضرورت آهي.

ڊاڪٽر ڏامراهو سَتگر: ستن گُرن وارو، مرشد ڪامل، اُستاد، [٦٤]

ستگر لفظ هن ريت ٿيندو:

ستگر. (سن. ستگر. سَت= سچو + گُر= مريد- ڌاتو آهي گُر= هدايت)، پُورن گُرو، ڪامل مرشد [٦٥]

### (۱۴) آڌوتي:

آغا صوفي . ادوتي: اديت= دوئي کان ٻاهر. هندن فقيرن جو بيک آهي. هي هميشه جبلن جي غارن ۽ غفائن ۾ رهندا آهن.[٦٦]

ڊاڪٽر ڏامراهو . آڌوتي. هندو فقير، سنياسي فقير، جوڳي فقير، اُهي فقير جن جو جسم سدائين مٽي هاڻو هوندو آهي، جبلن جي غارن ۾ رهندا آهن، چلا ڪيندا آهن، ۽ دنيا کي تياڳي ڇڏيندا آهن. آڌوتي لفظ جي لغوي آهي: "ميرو، گدلو، اڻ ڌوتل، تارڪ."[٦٧]

ٻنهي محققن جي ڏنل معنائن سان ڪنهن حد تائين اتفاق ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر ڏامراهي ميرو، گدلو، اڻ ڌوتل، معنائون معنيٰ کي منجهائي ڇڏيو آهي. ڇڏيو ته شايد، سنياسي ۽ جوڳي فقير، ميرا، گدلا ۽ اڻ ڌوتل (ناپاڪ) هوندا آهن. اسان جي خيال ۾ هو 'آوڌوت' ۽ 'اَڌئوت' کي هڪ مول مان نڪتل سمجهي ٿو، جو غلط آهي. حقيقت ۾ 'آڌوتي' کي، 'ادويت' سمجهڻ به مطلق غلط آهي، معنيٰ سان ته اتفاق ڪري سگهجي ٿو پر 'ڌاتو' سان نه.

آڌُوتي. (سن. آوڌوت. آوَ. هيٺ، پري+ ڌوت= ڌوٽيل. ڌاتو آهي ڌو= ڌوٽڻ، جنهن دنيوي خواهشون ڌوٽي ڦٽي ڪيون هجن) سنياسي، ساڌو، جوڳي، تارڪ [٦٨]

اَڌوتي.(سن. اَڌئوتَ. آ= نه + ڌاو= صاف ڪرڻ)،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اڻ ڏوتل، ناپاڪ، پليت

”ساهڙ ڏاران سهڻي، اَڏوتي آهي“ (شاهہ لطيف)

اَڏوَيت: (سن. اَدوَيت. آ= نہ + دويت= دوئي، ٻيائي- دو= ٻہ)، ٻيائي بنان، ٻي مثل: وحدت، هيڪڙائي، هڪ.(٦٩)

لفظن جي ذاتن جي فرق کي ظاهر ڪرڻ ۽ انهن ۾ ڏنل پوشيده معنائن تائين پهچڻ لغتدان جو ڪم آهي. لغتدان کي اهڙيون لغوي غلطيون نہ ڪرڻ گهرجن، جڏهن تہ اُهي سَپورنج هوندا آهن. آءٌ، پاڻ کي اديب نہ پر اِبنِ اديب چوندو آهيان. اديب جنهن پَدَ تائين پهچي ٿو. اُتي پهچڻ تمام مشڪل آهي؛ ڪوڙين ڪتابن جو اڀياس ڪرڻو ٿو پئي.

مون کي خوشي ٿئي ٿي تہ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي ’لغات سچل سر مست‘ مرتب ڪري زرين ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. ايندڙ دور جا محقق هن ڪتاب مان تمام گهڻو لاڀ پرائيندا. حقيقت ۾ لغت جي حوالي سان، پوءِ چو نہ ڪٽي اُها سُر وار لغت هجي، آغا غلام نبي صوفيءَ جو ڪيل ڪم وسارڻ جوڳو ناهي. ڇاڪاڻ تہ هن ئي تحقيق جو بنياد وڌو. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب چواڻي: آغا صوفيءَ جي تحقيق ۽ تشريح واقعي سون آهي، هن، سچل سر مست جي رسالي سان انصاف ڪيو آهي. جنهن ڪري سچل جا شيدائي توڙي اديب، سندس ٿورائتا آهن. باقي جيڪڏهن ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ خسيس چُڪون نظر اچن ٿيون تہ اها ڪا اهڙي وڏي ڳالهہ نہ آهي. اسان جو فرض آهي تہ ان سون مثل تحقيق کي، ادبي ۽ لغوي ڪوٺاري ۾ آڻي، نج سون ڪي، مٽ ڪان جدا ڪيون. جيڪڏهن اسان اهو فرض نہ پاڙيو تہ رسالي ۾ جيڪي غلطيون آهن، سي هميشه لاءِ، رهجي وينديون ۽ اسان جا پويان، هرگز معاف نہ ڪندا.(٧٠)

## حوالا


١. ڌامراهو، بدر ڊاڪٽر، ’لغات سچل سرمست‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠١٧ع، ص:٧.
٢. ساڳيو، ص: ١١.
٣. ساڳيو، ص: ١٠-١١.
٤. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، مقالو: ’سچل سرمست، آغا غلام نبي صوفي‘، ڇاپو ٻيو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، جون: ٢٠١٥ع، ص: ٣٥-٣٦.
٥. ڌامراهو، بدر ڊاڪٽر- لغات سچل سرمست، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال ٢٠١٧ع، ص-٧.
٦. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، ’علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت‘ - لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا- مرتب: رياضت ٻرڙو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، سال ٢٠١٨ع، ص: ١٧٥-١٧٦.
٧. عباسي، خادم حسين، ’سچل سرمست‘، مرتب:آغا غلام نبي صوفي، ڇاپو ٻيو، ص: ٥٨٢.
٨. ڌامراهو، بدر ڊاڪٽر، ’لغات سچل سرمست‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠١٧ع، ص:٧.
٩. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’سچل لغات‘، ڇاپو پهريون، سچل سر مست يادگار ڪاميٽي خيرپور، ١٩٨٤ع، ص: ١٥٣-١٦٦.
١٠. عباسي، خادم حسين، ’سچل سر مست‘، مرتب: آغا غلام نبي صوفي، ص: ٥٨٢.
١١. ساڳيو، ص: ٥٨٣.
١٢. ڌامراهو، بدر ڊاڪٽر، ’لغات سچل سرمست‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠١٧ع، ص-٧.
١٣. عباسي، خادم حسين، ’سچل سرمست‘، مرتب: آغا غلام نبي صوفي، ڇاپو ٻيو، ص: ٥٨٣.
١٤. سنديلو، عبدالڪريم ڊاڪٽر، ’سچل لغات‘، ڇاپو پهريون، ص: ١٠٥.
١٥. ڌامراهو،بدر، ڊاڪٽر ، ’لغاتِ سچل سر مست‘، ص: ٣٣٧.
١٦. ساڳيو، ص: ٨.
١٧. سنديلو، ڊاڪٽر عبدالڪريم، ’سامي ڌاتو ڪوش‘، ص: ٥٣
١٨. سنديلو، ڊاڪٽر عبدالڪريم، ’سچل لغات‘، ڇاپو پهريون، ص: ١٢٩ ص:
١٩. ڌامراهو، بدر، ڊاڪٽر، لغات ’سچل سرمست‘، ص: ٤٢٢.
٢٠. صوفي، آغا غلام نبي، ’سچل سرمست‘. ڇاپو ٻيو، ص: ٤٥٢.
٢١. ڌامراهو، بدر، ڊاڪٽر، ’لغات سچل سر مست‘، ص: ٩.
٢٢. شيام، سندر داس، ’هندي- شبد ساگر‘، جلد چوٿون، ص: ١٨٢٢، ١٨٣٣.
٢٣. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’سچل لغات‘، ڇاپو پهريون، ص: ١٤٨.
٢٤. ڌامراهو، بدر، ڊاڪٽر، ’لغاتِ سچل سر مست‘، ص: ١٥٦.
٢٥. صوفي، آغا غلام نبي، ’سچل سرمست‘. ڇاپو ٻيو، ص: ٤٨٨.
٢٦. ڌامراهو، بدر، ڊاڪٽر، ’لغات سچل سر مست‘ ص: ٩.
٢٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘، ڇاپو ٻيو، جلد ٥، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٨٨ع، ص: ٢٢١٥.
٢٨. ساڳيو، ص: ٢٢١٦.
٢٩. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، ڇاپو ٻيو، ١٩٥٧ع، ص: ٢٨٤.
٣٠. شاستري، گنيش دت پنڊت، ’پَدم چندر ڪوش‘، ص: ١٦٤.
٣١. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’سچل لغات‘، جلد پهريون، ص: ١٤٨.
٣٢. ڌامراهو، بدر، ڊاڪٽر. ’لغاتِ سچل سرمست‘، ص: ٤٦٩.
٣٣. ساڳيو، ص: ٩.
٣٤. ميمڻ، عبدالرشيد، ’سنڌي- سنڌي- انگريزي لغت‘، سنڌي لينگويج اٿارٽي، ٢٠١٤ع، ص: ٦٢٠.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٣٥.سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، جلد پهريون، ص: ٣٢.

٣٦. ڏامراهو، بدر ڊاڪٽر. 'لغات سچل سر مست'، ص: ٩.

٣٧. ناگراڻي، جي.ايڇ. پروفيسر، 'ساميءَ جا سلوڪ'، شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ٢٠١٥ع، ص: ٣٧.

٣٨. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، جلد پهريون، ص: ٣٢.

٣٩. صوفي، آغا غلام نبي. 'سچل سرمست'، ڇاپو پهريون، ص: ٤٦٣.

٤٠. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٣٤.

٤١. ساڳيو، ص: ١٠.

٤٢. سنڌيلو، عبدالڪريم،ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، ص: ٦١.

٤٣.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'هڪ جلدي سنڌي لغت'، ڇاپو پهريون، ١٩٩٨ع. ص:٢١٠.

٤٤.سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سامي ڌاتو ڪوش'، ص: ١٠.

٤٥.ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'سنسڪرت - سنڌي لغت'، ص: ٧٧.

٤٦. جي.ٽي. پليٽس، 'اردو ڪلاسيڪل، هندي، اينڊ انگلش ڊڪشنري'، ص- ٦٩.

٤٧.سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، ص: ١٨٨.

٤٨.ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٥٨٩.

٤٩. ساڳيو، ص: ١٠.

٥٠. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، جلد پهريون، ص: ١٩٩.

٥١. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٦٠٠.

٥٢. ساڳيو، ص: ١٠.

٥٣.صوفي، آغا غلام نبي، 'سچل سرمست'، ص: ٤٢٩.

٥٤.ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٣٢٣

٥٥. سنڌيلو، ڊاڪٽر، عبدالڪريم، مقالو: 'سچل سرمست'، مرتب: آغا صوفي، ص: ٥٧٥.

٥٦. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'هڪ جلدي سنڌي لغت'، ص: ٢٤٥.

٥٧. صوفي، آغا غلام نبي، 'سچل سرمست'، ص: ٤٣٨.

٥٨. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٣٢٣.

٥٩. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، ص: ١٠٢.

٦٠. سنڌيلو، ڊاڪٽر، عبدالڪريم، مقالو: 'سچل سرمست'، مرتب: آغا غلام نبي، ص: ٥٧٦.

٦١. صوفي، آغا غلام نبي، 'سچل سرمست'، ص: ٥٧٨.

٦٢. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٥١٤.

٦٣. سنڌيلو، ڊاڪٽر، عبدالڪريم، مقالو: 'سچل سرمست'، مرتب: آغا صوفي، ص: ٥٧٨.

٦٤. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ٣١٤.

٦٥. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سامي ڌاتو ڪوش'، ص: ٤٦.







٦٦. صوفي، آغا غلام نبي، 'سچل سرمست' جلد ٻيو، ص: ٥٨١.

٦٧. ڏامراهو، بدر، ڊاڪٽر، 'لغات سچل سرمست'، ص: ١٧.

٦٨. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'سچل لغات'، ص: ٢.

٦٩. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر ، لغت: 'ساميءَ جا سلوڪ'، ص: ٨٢١.

٧٠. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، مقالو: 'سچل سرمست'، مرتب: آغا صوفي، ڇاپو ٻيو،ص: ٥٧١، ٥٨١.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair